1. ڊاڪٽر الهوسايو سومرو

# شيخ اياز جي افسانن جي ڪردارن جو تنقيدي جائزو

# A Critical Study of Characters of Short Stories of Shaikh Ayaz


## *Abstract :*

*Shaikh Mubarak Ali (1923-1997)is commonly Known as Shaikh Ayaz , a famous modern poet of Sindhi Language. Besides Sindhi he has also composed his Urdu Poetry. In earlier he wrote some short stories which areshort in number and mostly all are popular. The characters of his stories are not taken borrow from other society or culture but they all are Local and relating to Sindhi Society. Mostly these characters reflect the social, moral and cultural conditions of Sindh and Sindhi Society of that time. Char Aekar Bani, Sharabee, Khilni, Paresari, Sufaid Wahshi are more popular of them.*

*He has described theproblems of Sindhi women like honor killing through his stories and Karo Rang, Nazeeran are popular in this regard.*


سنڌي شاعريءَ جو هڪ وڏو نانءُ جنهن پنهنجي ذات ذريعي سنڌي شاعريءَ کي نئون رُخ ڏنو موڙ ڏنو سو آهي شيخ اياز. شيخ اياز جديد سنڌي شاعريءَ جي بانين ۾ شمار ٿئي ٿو. پاڻ سنڌي شاعريءَ جي تقريباً هر صنف تي شاعري ڪري هند، سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر شُهرت حاصل ڪئي اٿائين. شاه لطيف کان ٿيندي سچل، سامي، خليفي، گدا ۽ ٻين ناليوارن شاعرن کان مختلف دؤرن مان گذري شيخ اياز تي سنڌي شاعري پنهنجا ٿَڪ لاهي ٿي، ساهي پَٽي ٿي نئين رنگ ڍنگ سان پنهنجي سفر کي اڳتي جاري رکي ٿي. شيخ اياز پنهنجي پنجهتر ساله (75) زندگيءَ ۾ ڇاهتر (76) ڪتاب لکي، سنڌي ادب کي مالا مال ڪيو سندس شُهرت ۽ مقبوليت سندس شاعري جي ڪري آهي پر پاڻ پنهنجي زندگيءَ جي اوائل ۾ نثر ۾ ڪجھ افسانا به لکيا هئا، جيڪي تعداد ۾ ته ٿورا آهن، پر ادبي مقام ۾ گهڻي اهميت رکن ٿا. انهن جا نالا هن طرح آهن:

(1) ڪارو رنگ (2) رولو (3) سفيد وحشي (4) نظيران (5) شرابي (6) نوران
(7) کلڻي (8) پاڙيسري (9) واچ جا ڪانٽا (10) مسافر مڪراني (11) هي شاعر
(12) چار ايڪڙ ٻني (13) جي تند برابر توريان (14) پنهل کان پوءِ (15) موٽي آءُ
(16) شائستا (17) سهڻي سير ۾ (18) پهريون ۽ پويون خط (19) ٻروچڪي رت
(20) هڪ شمع ٻه پروانه (21) هي هاري (22) مشير نامو.

شيخ اياز پنهنجي نظم توڙي نثر جي ڪري سنڌي ادب ۾ ممتاز حيثيت جو مالڪ آهي "هن سنڌي شاعريءَ توڙي سنڌي نثر ۾ بيشمار نوان موضوع آندا آهن. هن نثر توڙي نظم

1. اسسٽنٽ پروفيسر، شعبو سنڌي،شاه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور

۾ سنڌ جي سماجي، ثقافتي، اقتصادي ۽ تاريخي حالتن جي عڪاسي ڪرڻ سان گڏوگڏ بين الاقوامي مسئلن کي بہ پنهنجين لکڻين ۾ موضوع بڻايو آهي."(1)

شيخ اياز پنهنجي دؤر جو اهم ڪهاڻيڪار آهي، هو پنهنجين ڪهاڻين ذريعي قارئين آڏو نوان موضوع پيش ڪري ٿو. جئين تہ شيخ اياز سنڌي سماج سان واسطو رکي ٿو تنهن ڪري هو سنڌي سماج ۽ ان جي ريتن رسمن ۽ ثقافت کي پنهنجي تصنيفن ذريعي پيش ٿو ڪري، هو ماڻهن جي معمول واري زندگيءَ سان واسطو رکندڙ ڳالهين کي پنهنجين ڪهاڻين ۾ بيان ٿو ڪري، مختلف مسئلن کي مختلف ڪردارن ذريعي نئين سوچ سان پيش ٿو ڪري.

"هن طبقاتي سماج، اقتصادي ڦرلٽ، فرقيواريت، جاگيرداريناظام، معاشري ۾ نا انصافيءَ سان ڀرپور ريتون رسمون ۽ رواج، طور طريقا، وڏيرڪي نظام جي ظلمن، هارين جي مظلوميت، طبقيواريت واري سماج ۽ ازدواجي زندگيءَ جي مسئلن، پيار ۽ محبت ۾ ناڪامي سبب پيدا ٿيل مسئلن، پُرماريت، بک ۽ بيروزگاري جي مسئلن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي."(2)

سُفيد وحشي سندس ڪهاڻين جو مجموعو آهي، جيڪو پهريون دفعو اپريل 1947ع ۾ باغي، فريئر روڊ ڪراچي طرفان ڇپايو ويو هو. هن مجموعي ۾ ڪُل پنج (5) افسانا آهن، جنهن ۾ ڪارو رنگ، رولو، سفيد وحشي، نظيران ۽ شرابي شامل آهن.

شيخ اياز پنهنجي هن مجموعي جي افسانن جي ڪردارن جي باري ۾ " ڪارو رنگ" جي باري ۾ پاڻ هن طرح تحرير ٿا ڪن تہ:

"ڪارو رنگ" هڪ گهٽ معمولي (Sub Normal) انسان جي طبيعت جي ڦيرگهير جو نہ وسرندڙ احساس آهي، انهيءَ ڪهاڻيءَ کي ڪنهن غير ترقي پسندي، ذهن جي بي معنيٰ قلابازي، وهم جي ميرانجهڙي تصوير ڪوٺيو تہ مون کي ڪو عجب نہ لڳندو پر مون اها لکي آهي، نہ رڳو لکي آهي پر ڏٺي آهي ۽ منهنجي شاهدي کي ڪوئي ٿوڪي، جهلي پلي نہ ٿو سگهي پوءِ اها ترقي پسندي هجي يا غير ترقي پسندي."(3)

افساني "ڪارو رنگ" جو مرڪزي ڪردار هڪ ڪاري رنگ جي ڇوڪري آهي، ۽ ڪهاڻيڪار هن ڪاري رنگ جي ڇوڪري جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ٿو ڪري. اُها ڇوڪري سادي سباجهڙي، سليقي واري ۽ سمجهدار آهي پر اُن جي اهڙين خصلتن جي باوجود هر ڪوئي هن جي ڪاري رنگ کي ڏسي ڪيس ڏنو اڻ ڏنو ڪري ٿو ڇڏي، سندس ڳائڻ ۾ سوز ڀريو ۽ پُرڪشش سُريلو آواز واٿهڙن کي بيهاري ڇڏي ٿو ۽ انهيءَ خوبيءَ جي ڪري ڪيس "ڪوئل" طور سڃاتو وڃي ٿو. ڳائڻ وقت ڪيس تنهائيءَ جو احساس ختم ٿي ويندو هو. هن کي ائين محسوس ٿيندو هو جڻ تہ هوءَ هن ديس ۾ هڪ مسافر هئي ۽ اڻ سونهين مسافر وانگر هڪ پيادل پياسي، راهہ جي راهي هئي، هي مٽ مائٽ، هڪ جيڏيون ساهيڙيون سڀ مسافر هئا پر هر ڪنهن جي منزل ۽ رستا مختلف هئا. آسمان ڏانهن نهاريندي ڪيس پري پري تائين خوبصورتي نظر ايندي هئي ۽ اُتي پيار محبت هو ۽ اُتي رنگ و نسل، ذات پات، مال دولت،

نفرت، ڇڪتاڻ ۽ ڪشمڪش ۾ ٻيج ٻُڏڻ ڪونہ هئي . جتان جي زندگي حَسين هئي جڏهن سندس ڪردار جي سونهن ختم ٿي، راتيون ڪنهن سان گذارڻ لڳي تہ سندس ڪردار جي بہ صورتي ظاهر ٿيڻ لڳي. سُک ۽ سلامتي واري هئي . سُڪون ۽ خوشيون ئي خوشيون هيون، جتي هوءَ اڪيلي نہ هئي، نيٺ اُها ڪاري رنگ واري نينگري ڪوڙهہ جي بيماري ۾ مري ويئي ۽ سندس ڪارو رنگ، اڇي رنگ ۾ بدلجي ويو هو ۽ هوءَ هميشہ لاءِ اَڇي ٿي ويئي هئي.

اسان جي سماج ۾ شاديءَ جي وقت گهوٽ ۽ ڪنوار جي عُمرين جو خيال ڪو نہ ٿو رکيو وڃي. 65 سالن جي عمر ۾ مرد لاءِ سورهن (16) سالن جي ڇوڪري يا وري 30 سالن جي عورت لاءِ نَو (09) سالن جو ڇوڪرو شاديءَ جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجن ٿا. نوران . افسانو هن وڏي ننڍي عمر جي متيپيد کي نروار ڪري ٿو جنهن ۾ سنڌي سماج جو اهو مسئلو پيش ڪيل آهي. 'افساني' نوران ۾ نوران مرڪزي ڪردار آهي ۽ جڏهن هوءَ پندرهن سالن جي ٿئي ٿي تہ سندس شادي پنجهٺ سالن جي پوڙهي مرد سان ڪرائي وڃي ٿي. شادي ڪانپوءِ سندس مڙس ساڻس هر وقت جهيڙو ڪندو رهي ٿو " نوران جو مڙس تہ نہ هو ويل هو ويل ! نوران پندرهن ورهين جي، سندس مڙس پنجهٺ جو. سخت چيڙاڪ، ڪج فهم، وحشي ! هوءَ جڏهن بہ مڙس جي ڳاله ڪندي هئي تہ روئي ويهندي هئي. غم مان نہ پر غصي مان." (4)

هن افساني ۾ رضيہ ۽ عزيز معاون ڪردار آهن. نوران پندرهن سورهن سالن جي عمر ۾ بيواه ٿي وئي. رضيہ جي اسلم سان شادي ٿيڻ بعد نوران کي عزيز جي محبت ۽ عزت جو احساس ٿئي ٿو پر هن کان اڳ ۾ نوران وٽ عزيز لاءِ ڪا بہ عزت ۽ اهميت نہ هوندي آهي.

"رولو" هن مجموعي جي خوبصورت ڪهاڻي آهي. هن ۾ سنڌي سماج جي ڪارو ڪاري واري رسم کي ننديو ويو آهي. " رياض" هن افساني جو مرڪزي ڪردار آهي. هن ۾ اهو ڏيکاريل آهي تہ سنڌ جا ماڻهو اڃا تائين ايترا فراخدل ۽ وسيع سوچ وارا نہ ٿيا آهن جو هو پنهنجين ڇوڪرين کي ايتري آزادي ڏين جو هو پيار ڪري سگهن.

هو اڃا پيار ۽ محبت جي جذبي کي سمجهي نہ سگهيا آهن ۽ انهيءَ کي پنهنجي عزت ۽ انا جو مسئلو سمجهن ٿا، جيڪڏهن ڇوڪريءَ پاڻ پنهنجي زندگيءَ جو فيصلو ڪرڻ ٿي چاهي تہ ڪيس پنهنجا ڪاري ڪري ماري ڇڏين ٿا. جنهن ڪري ڇوڪريون پنهنجي مائٽن جي ڳاله کي ڪو نہ ٿيون ٽاري سگهن، جڏهن هڪ ڇوڪريءَ پنهنجي محبوب سان محبت جي لازوال جذبي جو اظهار افساني ۾ هن طرح آيل آهي تہ :

"ڪوئي ڇٽ ڪين ڏسي ها تہ منٽ ۾ ڪارو ڪري ٻنهي جون سِسيون ڪهاڙيءَ جي هڪ هڪ ڌڪ سان اُڏائي ڇڏي ها. رياض ڪراچي ڪاليج جي لئبريري ۾ لکي لِکي محبت ٿيندي هزار بار ڏٺي هئي. پر هيءَ محبت بي مثال هئي. هڪ اڻ پڙهيل ڇتيءَ جي محبت ! ڪو سر جو سانگو نہ ڪيائين، ٻينَ جي مڏر آواز تي بيتاب ٿي هرڻيءَ جيان ڇالون ماريندي آئي، هتي سر جي سٽ هئي، نہ رڳو مٽ مائٽ، پاڙي اوڙي، ڏيٺ ويٺ جي ڳِلا جو گهانگهو پاڻهو هو پر ساه تان آه ڪٽي هئي. ڪهاڙيءَ جي چمڪندڙ ڌار جو خيال نہ ڪري،

هوءَ پرينءَ جي بيهن جي آواز تي ينيوريءَ جئن اُڏري آئي. موت ۽ محبت تارازي جي پڙ ۾ هئا. هن سودو قبوليو هو."(5)

هن مجموعي جي اهم ڪهاڻي "سُفيد وحشي" آهي، هن جو پسمنظر انگريزن جي جارحيت ۽ فحاشيت آهي، جيڪا اُهي هتان جي عوام سان ڪن ٿا. گُلان ۽ صديق هن جا اهم ڪردار آهن. جنهن ۾ صديق مهاڻو آهي. شيخ اياز هن ڪهاڻي جي باري ۾ لکي ٿو:

"سنڌ ۾ رايل انبين نيوي جو مظاهرو ۽ قرباني هندستان جي ايندڙ انقلاب جو شروعاتي قدم هيو. سنڌ ڪي فخر آهي تہ غير جي چنبي مان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ ڦهريون ڦتڪو سنڌين ڪاڏو آهي. جنگ کان پوءِ سنڌي جنتا جي جاڳرتا جو نظارو مون "سُفيد وحشي " ۾ ڪييو آهي. عوام سياسي معاملن جي مونجهارن مان نہ ڇاڻي، هنن جي سمجهہ سنئين سڌي آهي تہ اسان جي پيٽ تي لت اچي رهي آهي ۽ لج لٽجي رهي آهي. ان سادي پر سخت بغاوتي احساس جي تصوير آهي "سُفيد وحشي."(6)

سُفيد وحشي، انگريز حڪمرانن ۽ جارحانيت، ظلم ۽ ڪُڌن ڪرتوتن جي جيئري جاڳندي تصوير آهي، هن ۾ ظالم انگريز گورا، غريبن ۽ مسڪين ماڻهن جي عصمت ۽ عزت پائمال ڪن ٿا. لوئي ۽ لج جي حفاظت ڪندي صديق غيرتمند سنڌي هئڻ جو ثبوت ڏئي ٿو. ظالم جو مقابلو ڪري ٿو ۽ نتيجي ۾ قيد ڪاٽي ٿو.

"نظيران" ، هن مجموعي جي هڪ ٻي اهم ڪهاڻي آهي، هن ۾ بہ عورت جي بيوسي، لاچاري ۽ مٿس ٿيندڙ ظلم ۽ تشدد کي بيان ڪيو ويو آهي. نظيران مرڪزي ڪردار آهي، ننڍپڻ ۾ ئي سندس پيءُ گذاري وڃي ٿو شادي، سندس شرابي سوٽ عبدالغفور سان ڪرائي وڃي ٿي، جيڪو مٿس هر وقت ظلم تشدد مار موچڙو ڪندو رهي ٿو. اهڙا ظلم و ستم سهندي، سُور سختيون سهندي، ڏک ۽ ڏک سهندي جواني ۾ ئي مَري کَپي وڃي ٿي. شادي کان اڳ ۾ شڪل شبيهہ جي تمام سهڻي هوندي هئي. شادي کانپوءِ مڙس جي مارڪٽ سبب مُنهن مهاندا ئي مٽجي ويا هيس، شادي جي ٻن سالن بعد سندس زندگيءَ جو ڏيئو وسامي وڃي ٿو. مڙس کان سواءِ سندس ڪو ٻيو رشتيدار يا همدرد نہ ٿي سمجهي. نظيران جي ڪردار جي باري ۾ شيخ اياز لکي ٿو تہ:

"محبت، ايتري انڌي محبت جو هوءَ غفور کان اڳ ڪائيندي نہ هئي توڙي ٻہ ٻہ رات جا وڃي وڃن ۽ هي وري (غفور) ٻي ٻي بڄين تائين پنگ جي جمني پي وڏيري ڪريم بخش جي اوطاق ۾ تاس کيڏندو هئو."(7)

انسان کي هڪ ٻئي جو همدرد هئڻ گهرجي، ڏک ۽ ڏک زندگي جا ڏينهن گهٽائين ٿا. پاڻ ۾ نفرت ڪرڻ بدران، محبت سان رهڻ گهرجي. نظيران هن افساني جو اهم ڪردار آهي.

"شرابي" هن مجموعي (سُفيد وحشي) جي آخري ڪهاڻي آهي، شرابي هن افساني جو مرڪزي ڪردار آهي، جيڪو پنهنجي سماج جي غلط فيصلن ۽ رَوين جي ڪري سڌي

رستي کان هَٽي وڃي ٿو. جڏهن تہ هو نهايت رحمدل، نيڪ، سچو ۽ حساس طبيعت جو مالڪ هو. هو روزانو شراب پي پنهنجي زندگيءَ جو آپگهات ڪندو هو. هو چوندو هو تہ

"زندگي مون کي فريب ڏيئي رهي آهي ۽ مان زندگي کي فريب ڏيئي رهيو آهيان. هاڻي مان چاڻان ! ڪاله پورو ٿي چُڪو سپاڻي اڃا آيو ناهي پر شراب پي مان انهيءَ 'هاڻي' جي وجود کي مٽائي سگهيس تہ جڻ مون زندگي جي سچي ڊوڙنگ کي ڊاهي وڌو. قدرت جي سچي ڪارسازيءَ کي شڪست ڏيئي ڇڏي. اهو شريف آدمي نہ آهي جنهن حياتيءَ ۾ آپگهات جو خيال نہ ڪيو آهي. هو خود شراب پي روز اڄ جي زندگيءَ جو خاتمو ڪندو هو."(8)

ٺڳي دوکي، فراڊ، مڪاري نا انصافي، ظلم، قهر ۽ ڏوکي بازيءَ جي ڪري هو يعني شرابي دنيا وارن کان نفرت ڪندو هو. هو پنهنجا ظاهر هوش حواس ختم ڪري پنهنجي اندر جي ضمير کي زنده رکي ٿو. هن جي اندر ٻين لاءِ احساس آهي، ماڻهو تہ ٺهيو پر جانورن سان بہ پيار ڪري ٿو ٻليءَ کي پالي ٿو ڪيس گوشت کارائي ٿو ۽ ڪير منو ڪري پياري ٿو پنهنجي هنج ۾ ڪٽي ٿو مٿس پنيءَ تي پيار جا هٿڙا ڦيري ٿو. ڪيس نفرت ماڻهن سان ختم ٿيڻ شروع ٿئي ٿي، سندس زندگيءَ ۾ جيڪا اهميت آرٽ، راڳ، شاعري، مُصوري ۽ عورت سان لڳاءُ واري ختم ٿي وئي هئي، سا ٻيهر اُجاگر ٿيڻ شروع ٿي وڃي ٿي، نيٺ هو برتر مان بهتر انسان ٿي پوي ٿو.

"چار ايڪڙ ٻني" ۾ رمون جو مرڪزي ڪردار سنڌي سماج جي وڏيرڪي نظام جي سُٺي نموني ۾ جَهلڪ ڏيکاري ويئي آهي. رمون پنهنجي مختصر ٻنيءَ تي پنهنجي پوري خاندان جو گذر سفر ڪري ٿو. فصل جي لهڻ سان سندس سال جون آسون سمايل آهن، جنهن ۾ هو پنهنجي بيمار ڌيءَ جي علاج لاءِ سوچيندو رهي ٿو. پر اُن زمين ۾ وڏيري جو حصو بہ آهي، پر هي نہ ٿو چاهي تہ وڏيري کي حصو ملي ڇا ڪاڻ تہ زمين هُن جي آهي ۽ هُن ئي محنت سان فصل تيار ڪيو آهي. جنهن تان جهيڙو ٿي پوي ٿو. هر ڪو زمين تي پنهنجي مالڪيءَ جي دعوي ٿو ڪري. ائين ئي بہ ڀيرو جوان ڪُسجي پيا، هر ڪو چئي پيو تہ زمين منهنجي آهي پر

" زمين چئي رهي هئي تہ مان ڪنهن جي نہ آهيان، توهان سڀ منهنجا آهيو. گهڙيءَ کان پوءِ توهان سڀني جا لاش منهنجي آغوش ۾ دفنائبا."(9)

هن افساني جي باري ۾ ڊاڪٽر نور افروز خواجہ لکي ٿي تہ :

"سندس هن افساني ۾ سنڌي قوم جي غربت ۽ مسڪينيءَ جي عڪاسي بيان ڪيل آهي. هن سوسائٽيءَ ۾ غريب، غريب تر ۽ امير، امير تر ٿيندو وڃي، ڇا ڪاڻ تہ وڏيرا، جاگيردار، ڪارخانيدار هميشہ غريب طبقي کي پنهنجي ڏاڍ ۽ ظلم ۽ نا انصافيءَ جي ڪري سندن مجبورين مان فائدو حاصل ڪندا رهن ٿا."(10)

شيخ اياز هن افساني ۾ وڏيرڪي سماج کي بيان ڪرڻ سان گڏوگڏ غريبن جي غربت ۽ مفلسيءَ کي بہ بيان ٿو ڪري، جنهن ۾ غريب پئسي نہ هئڻ جي ڪري پنهنجي بيمار

ڏيءُ جو علاج نہ ٿو ڪرائي سگهي. هو اهڙي ڪشمڪش کي اثرائتي انداز ۾ بيان ڪندي تحرير ٿو ڪري تہ :

”ڪيئي طبيب ڪيئي دوائون. پر هن وٽ پيسو ڪو نہ هو جو اهو خريد ڪري, شايد انسان جي زندگيءَ کان پيسو وڏيڪ قيمتي آهي. شايد طبيب ڇتائڻ لاءِ نہ ڪمائڻ لاءِ آهن. شايد دوا شفا نہ پر بها لاءِ آهي.“(11)

”مسافر مڪراني“ ۾ غربت ۽ پورهيت طبقي جي مفلسي کي بيان ڪيو ويو آهي, هن افساني ۾ مزدور مڪراني عورتون ڪپہ پچيندي ڏيکاريون ويون آهن. ڪين اجرت ايتري ٿي ملي جو ٿس سان پنهنجي ۽ پنهنجي اهل و عيال جي پيٽ قوت ڪري ٿيون سگهن. ڪارخانيدار ۽صنعتڪار ڪين پوري پوري اُجرت ڪو نہ ٿا ڏين. سندن هڪ ٻار جي لبن تي هيءُ نغمو جاري هوندو هو:

”رئو وڏو امان جو
ٹرو وڏو ابا جو
تئو وڏو امان جو
ڇرو وڏو ابا جو
پيٽ وڏو سيٺ جو
پيٽ وڏو سيٺ جو.“(12)

”ڪلٹي“ افسانو عورت جي زندگيءَ سان لاڳاپيل آهي, جنهن ۾ مُک ڪردار ڪلٹي جو آهي. هوءَ سدائين ڪلندي رهندي هئي, ڪيس ڪنهن لاءِ بہ نفرت نہ هئي, سندس ٽهڪن ۾ معصوميت هئي, شرارت هئي ۽ هوءَ جڏهن بہ ٽهڪ ڏيندي هئي ۽ ڪلندي هئي تہ سندس اکين مان ڳوڙها وهي ايندا هئا. هن ڪڏهن بہ پنهنجن خواهشن جو ٻين اڳيان اظهار نہ ڪيو نيٺ هن کي قرباني جو ٻڪرو بڻايو ويو هو زندگيءَ جو مقصد حاصل ڪرڻ ۾ ۽ منزل ماڻڻ ۾ ناڪام ٿي هئي ۽ هوءَ پنهنجي اندر لِڪل لڙڪن ۽ ڳوڙهن کي قابو ۾ نہ رکي سگهي ۽ ٽهڪن بدران لڙڪن ۽ ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ٿي ويئي سندس زندگي هميشہ اُداس ٿي ويئي. هن افساني ۾ ڪل مُک ڪردار ڪلٹي جي احساسن ۽ جذبن جي چڱي طرح ترجماني ڪئي وئي آهي. شيخ اياز لکي ٿو تہ :

”سندس ڪل ۾ زندگي هئي. زنده دلي هئي. ڪلڻ مهل سندس ڳلن ۾ ڄڻ سفيد ۽ سُرخ گلاب گهوٽجي ويندو هو. سندس ننيڙا چپ ماڪ ۾ آلا ٿي ويندا هئا. مون هن کي مُرڪندي تہ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هوم. هوءَ هميشہ ڪلندي هئي ۽ سندس ڪل ۾ سڄي دنيا جي سنگيت سمائجي ايندي هئي. سندس ٽهڪ ۾ ڄڻ معصوميت ۽ شرارت هٿ هٿ ۾ ڏئي نچنديون غائب ٿي وينديون هيون.“(13)

”پاڙيسري“ افساني جو مرڪزي ڪردار خانو حجم آهي, جيڪو پنهنجي وارَ ڪٽڻ جي ڪاريگري جي ڪري پوري شهر ۾ مشهور آهي. سندس سئلون تي وڏي رش اِن ڪري هوندي آهي جو وٽس مختلف تازه رسالا , مخزن ۽ اخبارون هونديون هيون. سيٺ هجي مزدور

وٽس هر ڪو سيرب ڪرائڻ لاءِ اچي ٿو. پاڻ مسلم ليگي آهي پر ان جي باوجود هن جي اندر هڪ سٺو انسان آهي. لڏپلاڻ وقت يا ان کان اڳ ۾ ٿيندڙ هندو مسلم فساد دوران رت جا ريلا وهن ٿا. بهار جا مسلمان ڳوس ڀڄن ٿا، پر خانُو حجم مسلمانن سان همدردي رکڻ باوجود، مسلمان ۽ مسلم ليگي هئڻ جي باوجود هو هتان جي هندن کان پلاند ڪو نہ ٿو وٺڻ چاهي. هن ۾ مذهب جي متڀيد واري پسمنظر کي بيان ڪيو آهي. هڪ هندو جي جذبن جي ترجماني هن طرح ڪئي وئي آهي تہ :

"مان اُڏيپور ۾ جٽي پور جي هندن سان گڏ رهڻ بدران سنڌي مسلمان ڀائن جي هٿان مرڻ وڌيڪ ٿو پسند ڪريان. منهنجون هن ديس سان روح جون ڳنڍيون آهن. هتي جي ڪنڊ ڪڙڇ، رستو رستو، اُس گس، پٽ، باغيچا منهنجي روح ۾ رمي ويا آهن ، منهنجي مستي سنڌ کان سواءِ موت برابر آهي."(14)

خانو حجم وٽ سيلون تي وڏا وڏا هندو سيٺ سيرب ڪرائڻ لاءِ ايندا رهن ٿا، هن جي ذهن تي مسلمانن جي خون جو پلاند وٺڻ جو خيال تري اچي ٿو تہ سيرب ٿاهيندڙ هندو سيٺ جو ڳلو پاڪيءَ سان وڍي ڇڏي ٿو پر ساڳي وقت هيءَ بہ خيال اچي ٿو تہ مسلمانن جو خون وهائڻ وارو هي هندو سيٺ تہ ناهي. اهڙا خيال سندس ذهن تي ڦرندا رهندا هئا، رمندا هئا ۽ هليا ويندا هئا. هو پنهنجي هندو دوستن سان گڏ پڳت تي بہ ويندو هو ۽ هندو سندس دوست بہ هئا. هو بهار ۾ ٿيندڙ مسلمانن مٿان ظلم ۽ ڪوسَ کي هتان جي هندن جو ڏوهہ ڪو نہ سمجهندو هو نيٺ خيال اچيس ٿو تہ :

"بيشڪ هن صوفين جي سنڌڙيءَ ۾ فساد ڪڏهن بہ ڪو نہ ٿيندا ڪير اهڙو ظالم ، سنگدل ٿيندو جو پاڙي جو بچاءُ نہ ڪندو ۽ بيواهن جو ڳلو ڪاٽيندو. سندس ڪنن ۾ ڪنهن ساڳيو لفظ پڙڪيو: جڻہ سنڌ! سندس مَن جو مونجهارو لهي ويو ۽ سندس دماغ ڪلين شيو (Clean shave) تي ويو."(15)

"واچ جا ڪانٽا" ۾ نظير ۽ ايملي جي ڪردارن کي مرڪزي حيثيت آهي. نظير جٽين تہ سگريٽ نوش (Chain Smoker) هو ۽ ايملي بہ ساڳئي دفتر ۾ ڪندي هئي ۽ هر آچر تي هڪ ٻئي سان گڏ سئنيما تي ويندا هئا. ايملي عيسائي مذهب جي هئي، پر نظير کي مذهب کان وڌ محبت کي ترجيح حاصل هئي. نظير جي مختصر ماهوار پگهار بس جي پاڙي ڪرائي، روزانہ جي چانهہ ۽ سگريٽ ۾ ۽ بقايہ گهر وارن لاءِ مَس سان پوري ٿيندي هئي. هُو خيالن جي دنيا ۾ تصوراتي محلن کي ٺاهيندو هو. اچانڪ کيس، سندس والد جي وفات ٿيڻ جي تار ملي ٿي هُو تڙ و تڪڙ ۾ نڪري ٿو پر اُن کان اڳ ۾ هِن خبر جو اطلاع ڏيڻ لاءِ ايملي ڏانهن وڃي ٿو رستي ۾ کيس حادثو پيش اچي ٿو ۽ مري وڃي ٿو. هن ۾ لازوال محبت کي پيش ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ هڪ عام ۽ محدود آمدني واري ملازم جي زندگيءَ کي مرڪوز بنايو ويو آهي. افساني جي پڇاڙي تمام سهڻي نموني ۾ ڪئي وئي آهي:

"ٽرام جي پٽيءَ تان رستي جي ٻئي پاسي رستي تي وچي رهيو هو تہ نا ! سولجر بازار جي ٽرام اچي ساٽس ٽڪرائي. هو ڪري پيو سندس مغز مان رت وهي رهيو هو سندس واچ پڃي پيئي ۽ ان مان هڪ ڪانٽو گم هو. ان وقت ٽاور ٻارنهن گهنٽا هنيا."(16)

مجموعي طرح شيخ اياز جي افسانن جا ڪردار سگهارا آهن. پنهنجي ماحول مان کنيا ويا آهن ۽ پنهنجي سماج جي چڱي طرح ترجماني ڪن ٿا. سندس ڪردارن مٿان ڪنهن ڏارئي داستان يا قصن جو اثر بلڪل ڪو نہ آهي. اُهي سڀ جو سڀ هتان جا مقامي آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي سهڻي نموني قارئين آڏو پيش ڪن ٿا. اياز جي افسانن جي ٻولي ۽ اسلوب سهڻو ۽ سريلو آهي. منجهن استعمال ڪيل جملا تمام سادا پر پرڪشش ۽ دلچسپ آهن. پڙهڻ سان بوريت ڪا نہ ٿي ٿئي پر دلچسپي ۾ اضافو ٿئي ٿو. " پنهل کان پوءِ ۽ پوپون چنڊ ۽ موتي آءِ ۾ خطن جي صورت ۾ افسانا لکيل آهن ۽ لفظ 'اياز' سندس اصلي ڪهاڻي کي ظاهر ڪري ٿو."(17)

شيخ اياز جي افسانن جي ٻولي :

شيخ اياز پنهنجن سمورن افسانن ۾ تمام سليس ۽ سهڻي ٻولي استعمال ٿو ڪري. مقامي لفظن جو اڻ کٽ خزانو محسوس ٿئي ٿو جنهن ۾ ڏاريا لفظ مشڪل سان ملن ٿا. مقامي رنگ، تشبيهون، ترڪيبون ۽ ثقافتي حَسين ۽ خوبصورت منظر، منظر بندشون سندس افسانن جو حُسن آهن.

شيخ اياز جي افسانن ۾ استعمال ٿيل تڪراري جملا ۽ لفظ سندس افسانن کي وڌيڪ زيب ۽ زينت بخشين ٿا. گهڻو ڪري سندس هر افساني ۾ اهڙي قسم جا خوبصورت ملڻ ۾ اچن ٿا. جنهن مان ڪجھ مثال طورهيٺ بيان ڪجن ٿا:

**نوران:**

"شادي عادت آهي. محبت عادت نہ آهي. شادي پلئہ ٿي ٻڌي، محبت روحن کي ڳنڍيون ٿي ڏئي. ڳنڍيون بہ پشم جون. ڇڪيندي نہ ڇڃن. شادي دنيا ۾ ضروري نہ آهي. محبت ضروري آهي."(18)

**ڪلڻي:**

"هن جي سادگيءَ ۾ چالاڪي هئي. چالاڪيءَ ۾ سادگي."(19)

**ڪارو رنگ :**

"هن جي خاموشيءَ ۾ خوبصورتي هئي، يا خوبصورتيءَ ۾ خاموشي."(20)

**رولو:**

"غم ، خوشي کان وڌيڪ سهڻو آهي، لڙڪ مُرڪ کان وڌيڪ پيارو آهي."(21)

**رولو:**

"زندگيءَ مون کي فريب ڏيئي رهي آهي ۽ مان زندگي کي فريب ڏيئي رهيو آهيان."(22)

**نظيران:**

"عريضون لکي لکي ڪري سندس هٿن جون رڳون بہ نيريون ٿي ويون هيون. نيري نيري رنگ جڻ فائونٽين پين جي ربڙ ۾ ڪنهن مَس پري هئي."(23)

**نظيران:**

"جئين سُئي جو ڏاڪو وڏو ٿئين وڏيڪ ڳنڍيون، جئين عمر وڌي ٿئين وڏيڪ مونجهارو."(24)

**جي تند برابر توريان:**

"خوشي حُسن آهي ۽ حُسن خوشي آهي."(25)

**جي تند برابر توريان :**

"شاعريءَ ۾ دولت نہ آهي تہ دولت ۾ بہ شاعري نہ آهي."(26)

**چار ايڪڙ ہني:**

"قرآن ڪي انسان ۾ اشرف بہ چيو ويو آهي تہ ظالم ۽ جاهل بہ . شايد رات جي وقت انسان اشراف آهي ۽ ڏينهن جي وقت ظالم ۽ جاهل ۽ ڏينهن جي وقت هن جا جهيڙا ۽ جهڳڙا، ساڙ وير، غم غصو ۽ ڇڪتاڻ ڏسي تہ هن جي فطرت کان نفرت اچي ويندي پر جڏهن رات جي وقت جڏهن هو ننڊ ۾ الوٽ هوندو آهي، هاڻي هڏ هٽي، ڪنيڙاتيون ڪوهي، سانت جي گود ۾ ستو پيو آهي، جنهن قدرت سان هو ڏينهن جو وڙهندو آهي، سا ڪيس لوليون ڏئي رهي آهي."(27)

شيخ اياز جهڙي طرح شاعريءَ ۾ پاڻ ملهايو آهي، تهڙي طرح نثر ۾ بہ پاڻ ملهايو اٿس. سندس افسانن جو تعداد ٿورو هئڻ جي باوجود بہ اهي موضوع، ٽيڪنڪ ٻولي ۽ اسلوب جي لحاظ کان سنڌي ادب جا بهترين افسانا ليکيا وڃن ٿا، جڏهن تہ بنيادي طرح سان شيخ اياز شاعر آهي، تنهن هوندي بہ هن کي نثر تي سُٺي دسترس حاصل آهي، سندس چوڻ موجب اهي افسانا سندس شروعاتي دؤر جا آهن، جڏهن هن نثر ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي هئي.

## حوالا:


1. خواجہ نور افروز، ڊاڪٽر. پائي پٽ ڪٿا. حيدرآباد، سنڌ : گنج بخش ڪتاب گهر. سال 20005 ع،ص 310.
2. ساڳيو، ص، 312.
3. اياز، شيخ. سفيد وحشي. ڪراچي، سنڌ : سنڌ سورهيہ پبليڪيشن، 196 ايچ، پنيان جيڪب لائين، ٻيو ڇاپو، مئي 1972 ع،ص،10
4. اياز، شيخ. پنهل کان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن. سال 2008 ع،ص10.
5. اياز، شيخ. سفيد وحشي. ص، 31_30.
6. ساڳيو، ص، 08
7. ساڳيو، ص،47

8. ساڳيو، ص، 60
9. اياز، شيخ . پنهل ڪان پوءِ ۾ جڳ مڙيوئي سپنو. ص،78
10. خواجہ نور افروز، ڊاڪٽر. پائي پٽ ڪٽا. ص318.
11. اياز، شيخ . پنهل ڪان پوءِ ۾ جڳ مڙيوئي سپنو. ص،76.
12. ساڳيو، ص، 51.
13. ساڳيو، ص، 17.
14. ساڳيو، ص، 59_58.
15. ساڳيو، ص، 62.
16. ساڳيو، ص، 49.
17. راڄپر، سچل. شيخ اياز جي افسانن جو تحقيقي جائزو. اياز (تحقيقي جرنل)1. ايڊيٽر : شاهہ ذوالفقار علي، سيد، ڊاڪٽر، پروفيسر. خيرپور سنڌ : شيخ اياز چيئر، فئڪلٽي آف آرٽس اينڊ لينگويجز، شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي، سال 2017ع، ص 80_70.
18. اياز، شيخ . پنهل ڪان پوءِ ۾ جڳ مڙيوئي سپنو. ص،14.
19. ساڳيو، ص ،15.
20. ساڳيو، ص ،20.
21. ساڳيو، ص ،28.
22. ساڳيو، ص ،32.
23. ساڳيو، ص ،35.
24. ساڳيو، ص ،36.
25. ساڳيو، ص ،62.
26. ساڳيو، ص ،71.
27. ساڳيو، ص ،73.